# سنڌي ميڊيا هائوسز جي پراڻ پسندي ۽ ڪمپيوٽنگ جي جديد دنيا




ٻارهن سال اڳ مون اقوام متحده جي ملازمت ڇڏي پنهنجو پاڻ ٻولين جي ڊجيٽائيزيشن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هئو. اها ٻي ڳالهہ تہ ائين چو ٿيو ۽ ان پرڪشش ملازمت کي ”يارو ياري“ ڪرڻ کان پوءِ مون سان ڇا ڇا ٿيو، منهنجي مٿان ڪيتري تنقيد ٿي ان جي ورجاءَ جي هتي ضرورت ناهي، ها پر منهنجي سامهون جيڪو وڏو مسئلو نظر آيو پئي تہ ايندڙ دؤر جي گهرجن سان اسان جون ٻوليون منهن ڏيڻ لائق بلڪل نہ پئي نظر آيون. ملڪ جي قومي ٻولي اردوءَ کي ڏٺم تہ هر اردو اخبار جي ويب سائيٽ تي هڪ بينر، جنهن تي ”بهتر اردو ديکني کي ليي اردو فونٽ ڊائونلوڊ ڪرين“ لکيل ملندو هئو، ڇوتہ ان وقت اردو ميڊيا ۾ ”جميل ۽ نوري نستعليق فونٽ“ ئي استعمال ٿيندا هئا جن جو ڊجيٽلي وزن 20 ميگابائٽ کان بہ مٿي هوندو هئو جيڪو ويب سائيٽن تي لڳائڻ يعني سائيٽ جو ٻنو ويهارڻ برابر هوندو هئو. وري موجود نستعليقي فونٽ جيڪو هوندو هئو اهو بہ اهڙو جو ان ۾ ”ڪينجهر، ڇيڇہ وطني يا ليجينڊ“ لفظ لکجن تہ انهن لفظن جا نقطا پاڻ ۾ گڏمڏ ٿي اهڙي شڪل ناهي ڇڏيندا جو ٺهڪ نڪريو وڃن. سو ان وقت اردوءَ جي آن لائين حالت ڏسي پاڻ اردوءَ جي پروگرامنگ تي ويهي رهياسين. ان وقت لاهور ۾ قائم ڪيل اداري ”سينٽر فار لئنگيئج انجنيئرنگ“ پاران ”نفيس نستعليق“ جي ٽيبلن کي سامهون ڪري پاڻ ان جا نقص جو ڏناسين تہ محسوس اهو ٿيو تہ اردوءَ جا انجنيئر روايتي طريقن سان حل ڪڍڻ ۾ مصروف هئا انڪري ئي اهي بنيادي ڪوڊن جي ٽيبلن کي هٿ بہ نہ پيا لائين. بهرحال اسان ڪجهہ مهينا لڳايا ۽ هڪ اهڙو فونٽ مارڪيٽ ۾ لاهڻ ڪامياب ٿي وياسين جنهن کي ڏسي ڊجيٽل ميڊيا جي وڏي نالي جناب فيصل شيرجان کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ چيائين: ”هي جادو آهي، ناممڪن آهي جو ٻاويهہ ميگابائٽ رڪندڙ فونٽ سامهون ڇڙو ڏيڍ سئو ڪلوبائٽ رڪندڙ پروگرام پوري اردو ٻوليءَ جا لفظ سڌا لکي سگهي! هي تہ ائين آهي جو ٻاويهہ ڦيٽن جي هڪ ڪنٽينر جو وزن سي ڊي سيونٽي موٽر سائيڪل تي رکي هڪ سئو ويهہ رفتار سان ڊوڙائجي“!

اڳتي هلي ان فونٽ جي ڪري اردو ڪانفرنس ۾ اسان کي محسن اردو جو خطاب ڏئي اوارڊ ڏنا ويا ۽ اهو فونٽ روزاني جنگ ۽ جيو چئنل وارن اسان کان صرف ڏيڍ سال لاءِ ڪرائي تي ورتو جنهن عيوض هنن هڪ وڏي رقم اسان جي حوالي ڪئي. اسان جي هن اڳڀرائيءَ کي ڏسندي ڪراچيءَ جي هڪ نجي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر هما بخاري مون کي يونيورسٽيءَ جي انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جو ”هيڊ آف ڊپارٽمينٽ“ پڻ مقرر ڪيو ۽ ائين ڇڙي هڪ سال يعني ٻہ هزار تيرهنِ ۾ اردو ٻوليءَ جو هڪ وڏو سنگ ميل قائم ٿيو تہ اردو ٻوليءَ جي هڙني اخبارن پنهنجي ويبسائيٽن کي ٽيڪسٽ ۾ رکڻ شروع ڪيو جنهن ڪري ٻن سالن کان پوءِ گوگل سان گڏ ٻين ڪافي ڪاروباري ادارن پنهنجي اشتهاري پروگرامن ۾ اردو ٻولي پڻ داخل ڪري ڇڏي .

وري ٻه هزار چوڏهن جو نومبر مهينو هئو جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ سيڪريٽري تاج جويو صاحب جن مون سان مليا ۽ چيائون: ”اسان چاهيون ٿا ته اوهان سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽائيزيشن لاءِ اٿارٽيءَ ۾ اسان سان شامل ٿيو. هتي مان مراعتن يا ٻين ڪاروباري ڳالهين ڪي نه ٿو ڪوليان ته وچ ۾ چاچا ٿيو پر پنهنجي بابا ۽ سائين عبدلماجد ڀرڳڙي صاحب جن جي اصرار ۽ مٿين نيڪ نامن جي دعوت تي ٿن لکن جي پگهار ڇڏي اسي هزار رپين تي اچي اٿارٽيءَ اندر ڪم شروع ڪيوسين. ان وچ ۾ ڪافي لطيفا پڻ ٿيا، جن مان هڪ هتي ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو. اردو ٻوليءَ جو تن ڏينهن ۾ هڪ تمام وڏو چئنل ڪلي رهيو هئو جنهن پوريان پاڪستان جو هڪ تمام وڏو سوفٽويئر هائوس ڪم ڪري پيو. ان پاڻ ڪي ست لک رپين جي پگهار تي ڪم ڪرڻ جي آڇ جدا پئي ڏني ته ٻئي پاسي هڪ سنڌي چئنل جي مالڪ پنهنجي دعوت ۾ چيو: ”پاڻ چونه سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪريون جنهن لاءِ منهنجي چئنل جي ويب ڪاسٽنگ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جا جديد سرشتا شامل ڪجن!“ ان لاءِ هي صاحب وڏي سخا ڪندي مون ڪي چاليهه هزار رپيا آڇي رهيو هئو! ان وقت مان پنهنجي يار صحبت جمال ڪي چيو پائو اٽ هلون، هي صاحب جڏهن پناڻ جي ريڙهي تان جُتي ونڻ ۽ هڪ ڊجيٽل ميڊيا هائوس نهرائڻ وچ ۾ فرق محسوس ڪري تڏهن پاڻ ڳالهائينداسين! ها هڪ ٻيو ٻه لطيفو آهي ته لاهور ۾ هڪ اردو ميڊيا هائوس جي مالڪ هڪ نجي ميٽنگ ۾ چيو ته هن ملڪ جو هڪ وڏو سرمائيدار اردو ٻوليءَ جي ”لائيو ٽرانسليشن“ (جيڪا دوبدو ۽ جهٽ پٽ ٿيندڙ هجي) ان لاءِ پنجاهه ڪروڙ رپيا آڇي رهيو آهي ته اوهان ڪم شروع ڪريو، پوءِ ڏسندا ويندا‌سين! وري پاڻ وٽ انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ جي هڪ ميڊيا هائوس جي هڪ مالڪ ڪي جڏهن اهو ٻڌايو ويو ته سندن اخبارن جون ويب سائٽون تصويري صورت ۾ رکيل آهن تن ڪي ٽيڪسٽ جي شڪل ۾ رکيو وڃي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جا ڊيٽابيس وڌن ته هن چيو: ”پاڻ ائين ئي ڪنداسين.“ پوءِ ٿيو چا ته هنن واقعن ڪان پنج سال پوءِ هڪ اردو چئنل دوبدو ۽ آوازن جي جهٽ پٽ ترجميڪاري مڪمل ڪري پروگرام لانچ ڪري ڇڏيو جنهن سان خبرون پڙهجي ته اردو ۾ ئي رهيون هيون پر اسپيڪر مان سنڌي آواز اچي رهيا هئا، پر پاڻ واري پاسي خبر پئي ته سنڌ جي تمام وڏي سرڪيوليشن رکندڙ اخبار ڪي ڪجهه وقت لاءِ محدود خبرن لاءِ ٽيڪسٽ بيسڊ ضرور ڪيو ويو هئو پر ان ئي سال ۾ اهو فيصلو واپس وني ساڳي تصويري شڪل ۾ ويبسائيٽ بحال ڪئي وئي جنهن جو سبب اهو ٻڌايو ويو ته ڪمپيوٽر آپريٽرن لاءِ وڏي ڏکيائي ٿي رهي هئي!

يعني ڪمپيوٽر آپريٽرن جي ڏکيائي وڏي اهم ڳالهه آهي پر ٻوليءَ جي ناماچاري ۽ ترقي ڪا حيثيت نه ٿي رکي! سنڌي پاڻ ڪي ناهي ڏسٹو ها پر ٻين ادارن تي چٽي تنقيد واجب آهي. شايد ڪين اها خبر ناهي ته پوري دنيا ۾ ٻوليءَ جي ڊجيٽائيزيشن واري عمل ۾ فونٽ ۽ الگورٽم ناهڻ، پروگرامنگ ڪرڻ، ۽ بنيادي ڪوڊيڪس جي لوڪلائيزيشن ڪرڻ ۾ ڊولپمينٽ يا لئنگئيج انجنيئرنگ جا ادارا نه پر ٻولين جي ڪارپس (ٻول پنڊار) ناهڻ ۾ ٻولين جا ميڊيا هائوس، يونيورسٽيون ۽ اديبن ڪان ويندي عام ماڻهو ئي گهربل هوندا آهن.

اوهان هڪ اهڙي مارڪيٽ جو تصور ڪري سگهو ٿا جنهن ۾ شاندار نموني سان سجايل دڪان ته هجن، خريداري ڪرڻ جا شوقين ته آسپاس هجن پر ان ۾ خريداريءَ ڪرڻ جو ”وکر“ نه ملي ۽ جيڪڏهن هجي به ته اهو آڱرين تي ڳڻڻ جيترو محدود هجي! دوستو! اها ساڳي ئي حالت ڊجيٽل دنيا جي عالمي مارڪيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان اٿوَ! هتي اوهان سان اها ڳالهه ونڊيندي خوشي به محسوس ٿئي ته دنيا ۾ سنڌي ٻولي ڪنهن به ملڪ جي دفتري ٻولي نه هوندي به، ان جا وڏا ڊيٽابيس نه هجڻ باوجود به، وڏين انڊسٽرين جي سروي لسٽن ۾ نه هجڻ باوجود به اڄ سنڌي ٻولي انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي مکيه ادارن جهڙوڪ، يونيڪوڊ، مائڪروسوفٽ، ايپل، گوگل، سامسنگ ۽ لائنيڪس جي بنيادي پروگرامنگ ۾ اڳوات شامل ڪيل آهي، ان ڪري ئي اها پڪ آهي ته مصنوعي ذهانت جا جيڪي به سرشتا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ اچا ايندا، انهن ڪي سنڌي ٻولي داخل ڪرڻ ضروري هوندو. پر ٻئي پاسي وري سنڌي ٻوليءَ جي آن لائين ڊيٽابيسن جن ڪي بٽيادي ڪارپس (ٻولن جو پنڊار) ڪري ٻوليءَ جون مشيني ٽريننگون ڏنيون وينديون انهن تي ڏسجي ته اهي ”ائٽ اچا مان ننڍڙي آهيان“ جيان اچا ٻانبڙا پائي رهيا آهن .

هاڻي اهي ڊيٽابيس ڪٿان ايندا؟ ان سوال جو جواب هنن انگ اکرن ۾ ئي پيو آهي. اوهان سمجهو: هڪ محتاط اندازي موجب اٺ صفحن واري هڪ سنڌي اخبار هر روز چاليهه هزار ڪن لفظ ڇاپي ٿي. يعني اها هڪ مهيني ۾ ٻارهن لک ۽ سال ۾ هڪ ڪروڙ

چائيتاليھ لک لفظ ڇاپي ٿي. اسان وٽ هونئن تہ گهٽيون اخبارون آهن پر هتي ڇڙو پنجن جو ڳاٽيتو رکجي ٿو تہ اهي سپيئي هڪ سال ۾ اٺ ڪروڙ ويھ لک لفظ ڇاپين ٿيون. ياد رهي تہ هي ڇڙو لفظ ناهن پر جملا، اسم، ڳالهيون، رپورٽون، لوڪ ڏاهپ ۽ مختلف موضوعن تي ڪالمن تي ٻڌل اڄ جي تاريخ بہ لکجي رهي آهي. هتي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ هنن اخبارن جون سنديون ويبسائيٽون بہ آهن، يعني جيڪڏهن اهي هڙئي اخبارون پنهنجو مواد آن لائين رکن تہ اوهان سوچي سگهو ٿا تہ هر سال انٽرنيٽ جي ڊيٽابيسن ۾ اسان جو ڪيترو مواد شامل ٿيندو ويندو؟ افسوس تہ اسان جون اخبارون آن لائين ايڊيشنون رکن تہ ٿيون پر لوڙهي تي اٽي هارڻ جيان! ڇوتہ اسان اٽي سنڌي مواد ٽيڪسٽ جي ابتڙ تصوير جي شڪل ۾ رکيو پيو وڃي جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڊجيٽل دنيا ۾ قد نہ ٿو پيو وڌي سگهي ۽ جنهن آڌار مشيني ٽريننگون ممڪن نہ ٿيون ٿي سگهن .

دل اجا وڌيڪ تڏهن روئندي آهي جڏهن اسان جي اخبارن ۾ اڄ سوڌو ٽيھ سال پراڻو غير معياري فونٽ استعمال ٿئي پيو جيڪو اپڊيٽ نہ ٿيڻ سبب يونيڪوڊ جي جديد پروٽوڪول جون گهرجون پوريون نہ پيو ڪري سگهي. جڏهن تہ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران قائم ڪيل اداري عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج انجنيئرنگ پاران جديد معيارن تي هڪ فونٽ مفت ۾ رليز بہ ڪيل آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي سچي لکت کي عالمي معيارن آڌار ظاهر ڪري ٿو پر اسان جا ادارا پراڻ پسنديءَ مان نڪرن بہ نہ !

هڪ ٻيو مثال بہ سمجهو جيڪڏهن ڪو ٻاهريون مون کان منهنجو تعارف پڇي ۽ مان جوابيان تہ: ”منهنجو نالو امر فياض ٻرڙو آمريڪي“ آهي تہ اوهان منهنجي ٻي تڪي جواب تي ٽوڪيندا، پر پڪ ڄاڻو مان ائين نہ چوندم. ها پر اسان جون سنڌي اخبارون اهو ئي جواب ڏينديون آهن، جڏهن انٽرنيٽ جي دنيا جا عالمگير سرشتا سنڌي اخبارن جي ويبسائيٽن کي داخل ڪرڻ ايندا آهن تہ اسان جي ويب سائيٽن ۾ متن واري ٻوليءَ جو ڪوڊ هوندو آهي:

```
<html lang="en-US">
```

جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ کي يونيڪوڊ پاران جدا ڪوڊ مليل ٻاويھ ورهيہ ٿي ويا آهن ان ڪري ويب سائيٽ جي سورس ڪوڊ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو تعارف هينئنءَ ريت هجڻ گهرجي:

```
<html dir="rtl" lang="sd-PK">
```

افسوس جو ائين ناهي هوندو! اهوئي سبب آهي جو ڪمپيوٽنگ جي دنيا ۾ ٻولين جي ڊيٽابيسن وارن وڏن پروگرامن ۾ اسان جي سنڌي اخبارن جي ويبسائيٽن کي ڪنهن کاتي ۾ ئي نہ ٿو رکيو وڃي. سنڌي ٻوليءَ سان هيءَ جيڪا اک موڙ ٿي رهي آهي اها سرڪاري يا غير سرڪاري ادارن پاران نہ پر خود اخباري ادارن هٿان ئي ٿئي پئي. اسان ان ڪري ئي چئون ٿا تہ آهي ڪو دستگير جيڪو اسان جي سنڌي ميڊيا هائوسن کي دڳ لڳائي؟ ڇوتہ ايندڙ وقت جي روباٽڪس واري دؤر ۾ سنڌي ٻولي ”ڏڙ ريڊيو سسي ٻاڪري“ ٿي جيڪڏهن ويندي تہ ان جو ذميوار ڪو ٻيو نہ پر ڇڙو اسان جا ميڊيا هائوس ئي هوندا.

contact@amarfayaz.com